
# لالی..



مصور: مشتاق خان

خواندگي ۽ غير رسمي تعليم جا مثالي پروگرام: ايشيا پيسيفڪ ريجن


| | | | |
|---|---|---|---|
| صفحا: | 12 | | |
| شايع ٿيو: | 2008 | | |
| شايع ڪندڙ: | يونيسڪو (UNESCO)<br>گهر نمبر 17، گهٽي نمبر F-7/3,8<br>PO Box. 0X2034<br>اسلام آباد پاڪستان | سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF)<br>پلاٽ 9، بلاڪ 7،<br>ڪهڪشان ڪلفٽن 5،<br>ڪراچي، 75600 پاڪستان | |
| فون نمبر: | +92-51-261170-3,11710745 | 111-424-111 (92-021) | |
| فيڪس: | +92-51-2611175 | 9251652 (92-021) | |
| اي ميل: | islamabad@unesco.org | info@sef.org.pk | |
| ويب سائيٽ: | www.un.org.pk/unesco | www.sef.org.pk | |
| ليکڪا: | پروفيسر ريحانہ مغني | | |
| سنڌي ويس: | نثار ہانيڙ | | |
| سينگار ۽ سنوارپ: | ذوالفقار علي خان | | |
| ڇپايو ويو: | پاڪستان ۾ | | |
| تعداد: | 1000 | | |

# پيش لفظ

پاڪستان هن وقت وڌندڙ ترقياتي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. عورتون جيڪي ملڪ جي تقريباً اڌ آبادي تي مشتمل آهن، اهي ترقي ۽ خاص طور تي تعليم جي ميدان ۾ تمام پنتي پيل آهن . ساڳي صورتحال سنڌ صوبي ۾ پڻ آهي.ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته صوبي اندر عورتن کي انهن مشڪلاتن کان نجات ڏيارڻ لاءِ تعليم جي شعبي ۾ کين وڌ کان وڌ موقعو ڏنو وڃي ته جيئن اهي بنا ڪنهن مت ڀيد جي ملڪ جي ترقي ۽ تعليم جي شعبي ۾ نمايان ڪاميابيون ماڻي سگهن. انهي سلسلي ۾ يونيسڪو (UNESCO) ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) حڪومتِ سنڌ، جهڙا ادارا اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) طرفان اردو ۾ شايع ڪرايل هي ڪهاڻيون غير تعليم يافته بالغ فردن جي ذهني سطح کي سامهون رکي انهن جي روز مره جي مسئلن ۽ ضرورتن کي نظر ۾ آڻيندي سرجيون ويون آهن. انهن ڪهاڻين اندر آيل مواد ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت، غذائي ضرورتن، بيمارين کان بچاءَ جي موضوعن سان گڏ معاشرتي براين ۽ انهن جي ڪري پيدا ٿيل پيچيدگين جي پڻ نشاندهي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته صفائي، صاف پاڻي ۽ هنري سِکيا جي ضرورتن کي پڻ سامهون رکي ڪهاڻيون ترتيب ڏنيون ويون آهن، جيڪي غير تعليم يافته بالغ فردن خاص ڪري عورتن لاءِ نهايت ئي ڪارائتيون ثابت ٿينديون.

پروفيسر ريحانه مغنيءَ جي هنن ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي پيچيدگين، صحت ۽ بهتر زندگي گُذارڻ جي مهارتن متعلق جيڪا ڄاڻ ڏنل آهي اُها اهڙين عورتن لاءِ انتهائي لاڀائتي ثابت ٿيندي جيڪي اڻپڙهيل ۽ سماج جي پيڙهيل طبقي سان واسطو رکن ٿيون. مان سمجهان ٿو ته اسان جي ٻهراڙين ۾ نه صرف تدريسي تعليم پر ان سان گڏو گڏ صحت، زندگيءَ جي اوڻاين ۽ زندگي گُذارڻ جي مهارتن متعلق تعليم جي به تمام گهڻي کوٽ آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ هر سطح تي ڪوششون وٺڻ جي سخت ضرورت آهي ته جيئن ماڻهن اندر وڌي پئماني تي سماجي سجاڳيءَ کي بيدار ڪري سگهجي. ان ڏس ۾ حڪومتي ادارا پنهنجي وِتَ ۽ وَسَ آهر اُپاءَ وٺي رهيا آهن ته جيئن هن جديد دؤر ۾ سنڌ جون ٻهراڙيون بهتر کان بهتر ٿي قومي ۽ مُلڪي سطح تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن.

انهيءَ سان گڏو گڏ مان يونيسڪو جي ان ڪوشش کي به ساراهيندس ته انهن هميشه بالغن جي گهڻ طرفي تعليم لاءِ بهتر کان بهتر قدم کنيا آهن ۽ ڪميونٽيز جي شراڪت سان هيٺين سطح تائين ماڻهن کي تعليم طرف وڌيڪ راغب ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. اِن ئي سلسلي جي هڪ ڪڙيءَ تحت يونيسڪو، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) طرفان اردو ۾ شايع ڪرايل ڪهاڻين جي جائزي بعد انهن ڪهاڻين کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ جو رٿيو ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) سان مالي سهڪار ڪري انهن ڪهاڻين کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام آسان ترجمو ڪري شايع ڪرائي جس لهڻو آهي. مان هڪ ڀيرو وري جس ڏيڻ چاهيندس سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) کي جن پنهنجي فني خدمتن ۽ يونيسڪو جي مالي تعاون سان اها ڳالهه ممڪن بڻائي. اهو هڪ خوش آئيند عمل آهي ۽ اها اميد پڻ ڪجي ٿي ته اڳتي به اهڙي قسم جي شعوري سرگرمين کي ساڳئي ئي جوش ۽ جذبي سان جاري ۽ ساري رکبو.

---

**پروفيسر ڊاڪٽر رفيق احمد صديقي**
**مئنيجنگ ڊائريڪٽر**
**سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ)**

# لالي...

لاليءَ کي ننڍپڻ کان ئي رنگ ڏاڍا وڻندا هئا. ڪڏهن هو رنگ برنگي پوپٽن پويان ڊوڙندي هئي ته ڪڏهن وري رنگين ڦوڪڻن لاءِ پنهنجي پيءُ سان ضد ڪندي هئي، ”بابا مون کي هو ڳاڙهو ڦوڪڻو ڪپي، هو ڦڪو ۽ هو نيرو به ڪپي“ رحمت پنهنجي لاڏلي ڌيءَ جي ماڻن ۽ انگلن تي پنهنجي پورهئي جي ڪمائيءَ جو چڱو ڀلو حصو خرچ ڪندو هيو...

جيئن جيئن لالي وڏي ٿيندي وئي هن جا رنگ پوپٽن ۽ ڦوڪڻ مان ڦري ڪپڙن تي اچي پيا...

هاڻ هوءَ چوندي هئي ”بابا مون کي هو هيڊي رنگ جي گلن وارو وڳو گهرجي...“

هو فيروزي رنگ وارو جنهن تي نيري رنگ جا گل چٽيل آهن ۽ هو ڳاڙهن گلن جي ڦلواري وارو به...“

پر اُن ڏينهن ڪانپوءِ لاليءَ ڪڏهن به ضد نه ڪئي جڏهن کان سندس پيءُ هڪ حادثي جو شڪار ٿيو ۽ هُن پنهنجي پيءُ جو رتُ ۾ ٻُڏل لاش ڏٺو هو...



لاليءَ جي ماءُ سڪينا جي سڄي مُوڙي هڪ پراڻي ڪپڙن سبڻ جي مشين هئي، اُها ئي مشين جنهن سندس خودداريءَ جو ڀرم قائم رکيو. رحمت جو سؤٽ ڀر واري ڳوٺ ۾ رهندو هو، هو انهن وٽ هر آچر تي ايندو هو ۽ سڪينا جا سبيل ڪپڙا شهر ڪٽي ويندو هو ۽ ان جي بدلي سندس پورهئي جي معمولي اجرت سڪينا کي ڏئي ويندو هو. اهڙي طرح ئي سڪينا جي گهر جو گاڏو هلڻ لڳو...

ماءُ جو هنر لاليءَ جي هٿ تي پڻ آيو، هوءَ پڙهڻ سان گڏ ڪپڙا سبڻ ۾ بہ ماءُ جي مدد پڻ ڪندي هئي، بازار ويندي هئي تہ ڏاڳي کي چني ڏسندي هئي تہ ڏاڳو پڪو آهي يا ڪچو، سڪينا ڪپڙو رڱڻ لاءِ ڏيندي هيس تہ لالي چوندي هئي:
"چاچا رنگ پڪو ڪجانءِ جيئن لهي نہ وڃي..."


هڪ ڏينهن سڪينا کي لاليءَ جي چاچي عابد لاليءَ سامهون ڪپڙن جي في جوڙي جا 70 رپيا ڏنا تہ لاليءَ کيس چيو:

**لالي:** چاچا في جوڙو رڳو 70 رپين ۾...!! درزي تہ 150 رپيا وٺندو آهي...!!

**چاچو:** تون درزياڻي تہ ناهين ڏيءَ...

**لالي:** اچا تہ پوءِ درزياڻي ٿيڻ لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ کپي.....؟؟





**چاچو:** ان لاءِ تہ توکي ڪپڙن جي ڪٽائي ۽ سبڻ جي باقائدي تربيت وٺڻي پوندي...

**لالي:** چاچا تہ پوءِ ڀلا درزياڻي ٿيڻ لاءِ تربيت وٺڻ ۾ اوهان منهنجي مدد ڪندا.....؟؟


**چاچو:** چو نہ ڌيءَ...! منهنجو هنر منهنجي اولاد نہ سکيو، توکي سيکاري مون کي تہ ڏاڍي خوشي ٿيندي...


**سڪينا:** ادا لاليءَ جو روز روز اوهان جي دڪان تي اچي سکڻ سٺو ڪو نہ لڳندو...

**چاچو:** ياڄائي...! منهنجي گهر ۾ هڪ ڪمرو خالي پيل آهي لاليءَ کي سکڻ لاءِ ڪجهہ مهينا اوهان ٻنهي کي منهنجي گهر هلي رهڻو پوندو...

مجبوريءَ جي حالت اها ئي هئي تہ سڪينا عابد جي اِن ڪُلي دل واري آڇ کي قبول ڪري ۽ پوءِ سڪينا اُن پنهنجائپ جي آڇ کي قبوليو...

عابد پوري ذميداريءَ سان لاليءَ کي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي. لالي عابد جي سوچ کان گهڻو ذهين ۽ محنتي ثابت ٿي، عابد جي ڪجهہ هفتن جي محنت لاليءَ جي صلاحيتن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. پهريان پهريان عابد لاليءَ کان سڄي قميص اڌيڙائيندو هيو پر لاليءَ جي نرڙ تي ڪو گهنج بہ نہ ايندو هو. ائين ڏسندي ڏسندي لاليءَ جي سلائي اهڙي معيار تي اچي وئي جو گراهڪ سڃاڻي نہ سگهندا هئا تہ ڪهڙا وڳا عابد سبيا آهن ۽ ڪهڙا لاليءَ... هاڻ لالي ڪاغذ تي خاڪا تيار ڪندي هئي ۽ سڪينا ان مطابق ڪپڙا سبندي هئي. عابد لاليءَ کي ڊزائين ڏيکاريندو هو تہ هوءَ بغير ڪنهن دير جي اُن جو ساڳيو نقل تيار ڪري ويندي هئي...





لالي جي سکيا جو مرحلو پورو ٿيو ۽ هاڻ سندس گهر موٽڻ جو وقت اچي ويو...

**لالي:** چاچا اوهان مون کي ڪا نصيحت ڪندا...

**عابد:** ها ڏيءَ گراهڪن سان جيڪو واعدو ڪرين اُن کي پورو ڪجانءِ...

**لالي:** معنيٰ ڪم پوري وقت تي مڪمل ڪرڻ ۽ معيار کي برقرار رکڻ...

**عابد:** بلڪل صحيح ...

عابد، لاليءَ کي هڪ ٻي نصيحت پڻ ڪئي...

”منهنجي دڪان جي مدد سان تون پنهنجي دڪان لاءِ ضروري شين جي لسٽ تيار ڪر..“

**لالي:** چاچا مون لسٽ ته اڳواٽ ئي تيار ڪري ڇڏي آهي...


**عابد:** واهه سائين واهه... اسان جي لالي ته ڏاڍي ذهين ٿي وئي آهي چڱو مون کي لسٽ ڏيکار...

# ضروري شين جي لسٽ

| | | | |
|---|---|---|---|
| ★ | سلائيءَ جون مشينون | 2 عدد | |
| ★ | ميزون | 2 عدد | (ڪٻاڙيءَ وٽان) |
| ★ | انچي ٽيپ | 1 عدد | |
| ★ | قينچيون | 2 عدد | |
| ★ | سنهيون سيون | 1 درجن | |
| ★ | ٿلهيون سيون | 1 درجن | |
| ★ | هينگر | 2 درجن | |
| ★ | ناسي ڪاغذ | 2 دستا | |
| ★ | ڪاغذ جا لفافا | 2 درجن | |
| ★ | ڊسٽ بن | 1 عدد | (گند ڪچري جي ٽوڪري) |
| ★ | رجسٽر | 1عدد | (گراهڪن جي نالن ۽ ماپ لکڻ جي لاءِ) |
| ★ | رسيد بڪ | 1 عدد | |
| ★ | پينسل يا پين | 1 عدد | |

لاليءَ جو گهر روڊ تي هيو، هن گهر جي هڪ ڪمري کي ٽيلرنگ شاپ ڪري ڇڏيو جنهن جو دروازو روڊ طرف کلندو هيو، لاليءَ اُن جي دروازي تي هڪ بورڊ لڳائي ڇڏيو:

"رحمت ٽيلرنگ شاپ"



جمعي جي ڏينهن رحمت ٽيلرنگ شاپ جو افتتاح ڪيو ويو...

ڳوٺ جون سموريون عورتون خوشيءَ سان اُن تقريب ۾ شريڪ ٿيون. عابد دڪان تي ٻه وڳا ٽنگي ڇڏيا ته جيئن عورتن ڪي سلائي ۽ ڊزائين جي معيار جو اندازو ٿي سگهي...

هڪ سال جي اندر اندر رحمت ٽيلرنگ شاپ نه رڳو لاليءَ جي ڳوٺ ۾ پر پروارن ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن جي عورتن ۾ پنهنجي مقبوليت ماڻي ۽ مڙئي عورتون لاليءَ ڪان پنهنجا ڪپڙا سبرائڻ لڳيون...

# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

## عورتن جي تعليم ۽ پاڙ پرائپ وارو پروگرام

## ٻيا ڪتاب

- ★ رحمٰن سائين
- ★ ببلوءَ جو موت
- ★ ادي نجمہ
- ★ اڻچاڻ ڏک
- ★ ميرو جو ڏک
- ★ نادر جي بيماري
- ★ اسان سڀ گڏجي
- ★ زينب جي پريشاني

سمورا حق ۽ واسطہ يونيسڪو اسلام آباد، پاڪستان ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڪراچي وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتابچي ۾ انتخاب ڪيل انگ اکر ۽ معلومات ليکڪا جي ذاتي راءِ تي مشتمل آهن، جن سان يونيسڪو جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي.

حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

پلاٽ 9، بلاڪ 7، ڪهڪشان ڪلفٽن 5، ڪراچي

فون: 111- 424 -111 (021) فيڪس: 9251652 (021)

ويب سائيٽ: www.sef.org.pk اي ميل: info@sef.org.pk

United Nations
Educational , Scientific and
Cultural Organization